# موت جي تڪليف ۽ سختي

**11-July-2019**



ہفتہ وار سنتوں بھرے اجتماع میں ہونے والا

سنتوں بھرا بیان

(For Islamic Sisters)

هرمبلغ بيان ڪرڻ کان پهريان گهٽ ۾ گهٽ تي پيرا پڙهي

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# موت جي تڪليف ۽ سختي

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

## دُرُود شريف جي فضيلت

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبة المدينہ جي 271 صفحن تي مشتمل ڪتاب "آبِ ڪوثر" جي صفحي نمبر 201، 202 تي جيڪا درود شريف جي فضيلت لکيل آهي، سا ٻڌو ۽ ڪثرت سان درود پڙهڻ جي سچي نيت ڪريو- جيئن لکيل آهي تہ هڪ مريض سڪرات جي حالت ۾ هو (يعني ان جو روح جسم مان نڪرڻ ئي وارو هو)، سندس دوست حال احوال پڇڻ آيو ۽ ڏسي پڇا ڪيائين! اي دوست، ساھ نڪرڻ وقت ڪيتري تڪليف ٿيندي آهي؟ جواب ڏنائين: مون کي ڪا تڪليف محسوس نہ پئي ٿئي، ڇوتہ مون عالمن سڳورن کان ٻڌو آهي تہ جيڪو شخص حبيبِ خدا، محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درودِ پاڪ جي ڪثرت ڪري، ان کي الله پاڪ موت جي تڪليف کان امن ڏيندو آهي-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري ونون ٿيون. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

✿ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ✿ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ✿ ضرورت پوڻ تي ٻين اسلامي ڀينرن جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ✿ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ✿ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُاالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ واريءَ جي دِل جوئي جي لاءِ آهسته آواز سان جواب ڏيندس ✿ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس-دوران بيان موبائل جي غيرضروري استعمال کان بچندس،نه بيان ريڪارڊ ڪندس نه ئي ٻئي ڪنهن قسم جو آواز چو ته ان جي اجازت ناهي،جيڪو ڪجھ ٻُڌندس،اُن کي ٻڌي ۽ سمجهي ڪري ان تي عمل ڪرڻ ۽ ان کي بعد ۾ ٻين تائين پهچائي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## موت جي تڪليف

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبةُ المدينہ جي 649 صفحن تي مُشتمل ڪتاب ”حکایتیں اور نصیحتیں“ جي صفحي 553 تي آهي: (هڪ پيرو الله پاڪ جا نبي) حضرتِ سيدُنا عيسيٰ رُوحُ الله عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام حضرتِ سيدُنا نوح عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي پٽ حضرت سيدُنا سام رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي قَبر وٽان لنگهيا ته بني اِسرائيل عَرض ڪيو: ”اي رُوحُ الله! الله پاڪ جي بارگاه ۾ دُعا گهرو ته هو هن قَبر واري کي زِندھ ڪري ته جيئن اسان هن کان موت جو تَذڪرو ٻڌون-“ پوءِ حضرتِ سيدُنا عيسيٰ رُوحُ الله عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ان قَبر جي ويجهو ٻه رَڪعتون نماز اَدا ڪرڻ کان پوءِ الله پاڪ کان حضرتِ سام بن نوح رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي زِندھ ڪرڻ جي دُعا گهري ته الله پاڪ اُن کي زِندھ فرمائي ڇڏيو- اهو

مٿي تان مٽي ڇنڊيندي بيهي رهيو، ان جي مٿي ۽ ڏاڙهي جا وار اڇا هئا- حضرتِ سيدُنا عيسيٰ رُوحُ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ان کان پڇيو: هي وارن جي اڇاڻ تہ تنهنجي زَماني ۾ نہ هئي؟ اُنهن فرمايو: يا رُوحَ الله! مان آواز ٻڌي سمجهيس تہ قِيامت قائم ٿي چڪي آهي، ان جي خوف سبب منهنجي مٿي ۽ ڏاڙهي جا وار اڇا ٿي ويا- حضرتِ سيدنا عيسيٰ رُوحُ الله عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام پڇيا ڪئي: توهان جي اِنتقال کي ڪيترو عَرصو گذري چڪو آهي؟ اُنهن ٻڌايو: منهنجي انتقال کي چار هزار(4000) سال گذري چڪا آهن، پر اڄان تائين موت جي سختي ۽ تڪليف مون کان ختم ناهي ٿي- (حکایتیں اورنصیحتیں ۵۵۳)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! هن حڪايت مان معلوم ٿيو تہ موت جو ذائقو ڏاڍو تلخ هوندو آهي، ان جي سختي ڏاڍي تيز هوندي آهي- ٿورو غور تہ ڪريو جڏهن 4 هزار سال گذرڻ جي باوجود بہ موت جي سختي ختم ناهي ٿي تہ جنهن وقت موت ايندو، ان وقت جيڪا موت جي تڪليف ۽ سختي محسوس ٿيندي ان جو حال ڪهڙو هوندو ۽ ان ۾ ڪيتري شدّت هوندي؟

ٻي ڳالهہ اها بہ ٻڌو تہ هن روايت ۾ آهي تہ حضرت سَيدُنا عيسيٰ عَلَیْہِ السَّلَام حضرت سام رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ کان پڇيائون تہ ان جا وار ڪيئن سفيد ٿي ويا جڏهن تہ ان جي دور ۾ وار اڇا نہ ٿيندا هئا، تہ ياد رکو تہ رُوءِ زمين تي سڀ کان پهريان حضرت ابراهيم عَلَیْہِ السَّلَام جا وار اڇا ٿيا، انهن کان پهريان ماڻهو پوڙها ٿي ويندا هئا پر انهن جا وار اڇا نہ ٿيندا هئا، سڀ کان پهريان جڏهن حضرت ابراهيم عَلَیْہِ السَّلَام جا وار اڇا ٿيا تہ پاڻ عَلَیْہِ السَّلَام الله پاڪ کي عرض ڪيو: مالڪ هي ڇا آهي؟ الله پاڪ فرمايو: اهو وقار آهي- سندن عَلَیْہِ السَّلَام عرض ڪيو: اي منهنجا ربّ! منهنجي وقار کي اڃان وڌائي- (مرآۃ المناجیح، ۱۹۳/۶ ملخصاً) جڏهن تہ حضرت سام بن نوح رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جو زمانو حضرت ابراهيم عَلَیْہِ السَّلَام کان پهريان جو آهي، تنهنڪري ان جي دور ۾ وار اڇا نہ ٿيندا هئا، انهي ڪري حضرت عيسيٰ عَلَیْہِ السَّلَام ان کان پڇيو تہ وار سفيد ڇو ٿيا آهن؟

هتي هن مدني گل تي بہ غور ڪريو! تہ حضرت سام رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ الله پاڪ

جي جَلِيلُ القَدر ۽ اُولُوالعَزم (حوصلي واري) نبي حضرت سَيدُنا نوح عَلَيۡهِ السَّلَام جا شهزادا آهن، اهو اُنهن ڪجهه خُوش نصيبن ۾ شامل هو جن حضرت نوح عَلَيۡهِ السَّلَام تي ايمان آندو هو ۽ مقرّبِ الٰهي هئڻ جي باوُجود سندن جو حال اهو هو جو قيامت اچڻ جي خوف سندن جا سمورا وار سفيد ڪري ڇڏيا- انهن کي اهڙو خوف ٿيو جو انهن جا سمورا وار سفيد ٿي ويا- اسان کي پاڻ تي غور ڪرڻ گهرجي ته ڇا اسان قيامت کان ڊڄون ٿيون؟

## قيامت ڇا آهي؟

يقيناً مسلمان هجڻ جي ناطي اسان جو اهو عقيدو آهي ته قيامت برحق آهي- قيامت ڇا کي چئبو آهي؟ اچو! ٻڌو: الله پاڪ هر هڪ کي نيڪين جي جزا ۽ گناهن جي سزا ڏيڻ جي لاءِ هڪ ڏينهن مقرر فرمايو آهي ان ڏينهن جو نالو "قيامت" آهي، ان کي آخرت ۽ يومِ حساب به چوندا آهن- قيامت ان وقت قائم ٿيندي جو جڏهن رُوءِ زمين تي اللّٰهَ پاڪ جو نالو وٺڻ وارو ڪو به انسان نه رهندو- (مسلم،کتاب الايمان،باب ذهاب الايمان آخر الزمان،ص۸۰،حديث:۳۷۵) تڏهن الله پاڪ جي حڪم سان حضرت اسرافيل عَلَيۡهِ السَّلَام صُور ڦوڪيندو جنهن کي ٻڌي ماڻهو بيهوش ٿي ويندا ۽ پوءِ مري ويندا- زمين ۽ آسمان، ملائڪ ۽ جن، تمام جهان وارا مري ويندا ايستائين جو صُور ۽ حضرتِ اِسرافيل عَلَيۡهِ السَّلَام کي به موت ايندو-

پوءِ جڏهن الله پاڪ چاهيندو، حضرت اسرافيل عَلَيۡهِ السَّلَام کي زنده ڪندو ۽ صُور کي پيدا ڪري ان کي ٻيهر ڦوڪڻ جو حڪم ڏيندو- صُور ڦوڪيندي ئي وري تمام ماڻهو، ملائڪ، جن ۽ سيئي حيوان ٻيهر زنده ٿي اٿندا- (شعب الايمان، باب في حشر الناس بعد ما يبعثون من قبورهم ،فصل في صفة يوم القيامة ،۳۱۲/۱،حديث:۳۵۳ملتقطاً) مُردا قبرن مان اٿندا ۽ ميدانِ محشر ڏانهن هڪليا ويندا- (بخاري،كتاب احاديث الانبياء ،باب قول الله تعالي :وتخذالله ---الخ ،۴۲۰/۲،حديث:۳۳۴۹ملخصاً) اتي هر هڪ کي پنهنجن عملن جو حساب ڏيڻو پوندو- (پ۱۳،ابراهيم:۴۸) ان کي قيامت چوندا آهن-

## ڇا اسان قيامت کان ڊڄون ٿيون؟

اچ اسان کي غور ڪرڻ گهرجي ته اسان قيامت کان ڪيترو ڊڄون ٿيون؟ اچ اسان کي غور ڪرڻ گهرجي ته اسان قيامت کان ڪيترو خوف ڪيون

ٿيون؟ اڄ اسان ڪي غور ڪرڻ گهرجي ته قيامت جو ڪيترو ڊپ اسان جي دلين ۾ آهي؟ اڄ اسان جي لاپرواهين ۽ غفلتن جو سلسلو وڌندو پيو وڃي، ظاهري طور ائين لڳي ٿو جيئن قيامت جو ڊپ، جهنم جي عذاب جو ڊپ، پُل صراط جو ڊپ، ميدانِ محشر جي هولناڪين جو ڊپ، حساب ڪتاب جو ڊپ، قبر جي عذاب جو ڊپ ۽ موت جو ڊپ اسان جي دلين مان نڪرندو پيو وڃي-

غور ته ڪريو ❖ **جيڪڏهن قيامت جو خوف اسان جي دل ۾ هجي ها ته ڇا** اسان جي ڪا نماز قضا ٿي سگهي ها؟ ❖ **جيڪڏهن قيامت جو خوف اسان جي دل ۾ هجي ها ته** ڇا فرض روزا رکڻ ۾ سُستي ٿي سگهي ها؟ ❖ **جيڪڏهن قيامت جو خوف اسان جي دل ۾ هجي ها ته ڇا** اسان زڪوٰة ڏيڻ ۾ ڪوتاهي ڪيون ها؟ ❖ **جيڪڏهن قيامت جو خوف اسان جي دل ۾ هجي ها ته ڇا** ٻين جون غيبتون ڪيون ها؟ ❖ **جيڪڏهن قيامت جو خوف اسان جي دل ۾ هجي ها ته ڇا** اسان جي زبان ڪوڙ ڳالهائي ها؟ ❖ **جيڪڏهن قيامت جو خوف اسان جي دل ۾ هجي ها ته ڇا** اسان جا هٿ حرام ڏانهن وڌن ها؟ ❖ **جيڪڏهن قيامت جو خوف اسان جي دل ۾ هجي ها ته ڇا** اسان جون اکيون حرام ڏانهن ڪڄن ها؟ ❖ **جيڪڏهن قيامت جو خوف اسان جي دل ۾ هجي ها ته ڇا** اسان جا پير حرام ڏانهن اڳتي وڌن ها؟ ❖ **جيڪڏهن قيامت جو خوف اسان جي دل ۾ هجي ها ته ڇا** اسان جا ڪن حرام ٻڌڻ ۾ مشغول ٿين ها؟ ❖ **جيڪڏهنِ قيامت جو خوف اسان جي دل ۾ هجي ها ته** ڇا اسان جي زبان حرام سان آلوده ٿئي ها؟ ❖ **جيڪڏهن قيامت جو خوف اسان جي دل ۾ هجي ها ته** ڇا حرام ڪمائي اسان جي گهر ۾ داخل ٿئي ها؟ ❖ **جيڪڏهن قيامت جو خوف اسان جي دل ۾ هجي ها ته ڇا** اسان ٻين جي حقن تي ڌاڙو هڻون ها؟ **مطلب** ته! ❖ **جيڪڏهن قيامت جو خوف اسان جي دل ۾ هجي ها ته ڇا** گناهن ۾ اسان جي دل لڳي ها يا اسان نيڪيون ڪرڻ واريون بڻجون ها؟ يقيناً جيڪڏهن اسان غور ڪريون ته قيامت جو خوف اسان جي دلين مان نڪرندو پيو وڃي-

اي ڪاش! جو اسان جي عبرت ڀري نگاهه جاڳي پوي ۽ اسان موت ڪان ڊڄڻ واريون بڻجي وڃون، اي ڪاش! اسان قبر ڪان ڊڄڻ واريون بڻجي وڃون- اي ڪاش! اسان ميدانِ محشر جي گرمي ۽ ان جي هولناڪين ڪان ڊڄڻ واريون بڻجي وڃون- اي ڪاش! اسان حساب ڪتاب جي سختي ڪان ڊڄڻ واريون بڻجي وڃون- اي ڪاش! اسان پُل صراط تان گذرڻ ڪي ياد ڪندي ڊڄڻ واريون

ٻڄي وڃون- اي ڪاش! اسان جهنم جي عذاب کان ڊڄڻ واريون ٻڄي وڃون- ياد رکو! اڄ جيڪڏهن اسان دنيا ۾ خوفِ خدا کان سرشار رهيوسين ته اهو ئي خوفِ خدا اسان کي پُل صراط پار ڪرائيندو، جيئن حَضرتِ سَيدُنا فُضَيل بِن عِياض رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو فرمانِ عافيت نشان آهي ته خوفِ خدا جي سَبَب ڪمزور ضعيف ۽ هيٺا پُل صِراط تان آساني سان پار ٿي ويندا - اڄ جيڪڏهن دنيا ۾ اسان جهنم کان پناهه گهرنديون رهيون سين ته آخرت ۾ به ان کان بچڻ ۾ ڪامياب ٿي ونديون سين- حديثِ پاڪ ۾ آهي ته جيڪو جَهنَّم کان پناهه گهرندو آهي، جَهنَّم چوندو آهي: اي رَبّ! اهو مون کان پناهه گهري ٿو ته تون ان کي پناهه ڏئي ڇڏ- (مسند أبي يعلي، ٣٧٩/٥،حديث: ٦١٦٤، بهارِ شريعت،١٦٣/١)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! موت جو ذائقو، موت جي تڪليف ۽ موت جي سختي اهو اسان جو موضوع آهي- جڏهن هن ڳالهه ۾ ڪو شڪ ناهي ته موت اچڻو آهي ته اها ڳالهه به يقيني آهي ته سڪرات جي ڪيفيت ڪي منهن ڏيڻو پوندو-سڪرات جون سختيون، سڪرات جي ڪيفيت، ملڪ الموت عَلَيْهِ السَّلَام کي ڏسڻ، روح نڪرڻ جي تڪليف جو اچڻ اهي سڀئي آزمائش وارا ڪم آهن- الله پاڪ جن کي چاهيندو آهي انهن جي لاءِ آسانيون عطا ڪندو آهي- اي ڪاش جو هن مرحلن ۾ رحمتِ الٰهي اسان سان گڏ هجي- اڄ عمومي صورتحال اها آهي جو هڪ وڏي تعداد آهي جيڪا موت ۽ ان جي سختين سان غافل نظر اچي ٿي- جڏهن ته موت ۽ ان جي سختين کان وڏيڪ مشڪل شايد ڪو ٻيو مرحلو هن دنيا ۾ نه آهي- جڏهن ڪنهن تي سڪرات جو عالَم طاري ٿيندو آهي ۽ جسم مان رُوح نڪري رهيو هوندو آهي ان وقت جي تڪليف جهڙي ڪا ٻي تڪليف ناهي هوندي، ان وقت جي درد جهڙو ڪو ٻيو درد ناهي هوندو ۽ ان وقت جي آزمائش جهڙي ڪا ٻي آزمائش ناهي هوندي- نَزع جي وَقت پيش اچڻ وارين سختين جو ذِڪر قرانِ مجيد ۾ به مَوجُود آهي- جيئن اِرشادِ باري تَعَاليٰ آهي:

وَ جَآءَتْ سَكْرَةُ الْمَوْتِ بِالْحَقِّ ؕ ذٰلِكَ مَا كُنْتَ مِنْهُ تَحِیْدُ

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ آئي موت جي سختي حق سان ڳڌ هي آهي جنهن کان تون ڀڄندو هُئين

(پ۲۶،ق:۱۹)

## موت جي تڪليف مُردوئي ڄاڻي ٿو

هن آيتِ سڳوري جي تفسير ۾ مُبلّغ اسلام، حضرت علّامہ شُعيب حَريفِيش رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ارشاد فرمائن ٿا: مٿي جي اکين سان موت کي ڏسڻ ۽ مَلَکُ الْمَوت عَلَيْهِ السَّلَام جو مُشاهدو ڪرڻ ۽ ان وقت دل ۾ پيدا ٿيڻ واري خوف ۽ گهبراهٽ کي برداشت ڪرڻ هڪ اهڙو معاملو آهي جنهن جي حقيقت بيان ڪرڻ سان هر بيان ڪرڻ واري جي عِبارَت قاصِر آهي ۽ ان جي هولناڪي جو اِحاطو ڪرڻ سان هر وَضاحت ڪرڻ وارو عاجِز آهي- ان جي حقيقت ان کي ئي خبر آهي جيڪو هن مَرحَلي مان گُذري چڪو هجي- (حڪايتين ۽ نصيحتين، ص۱۸۳)

## سڪرات جي شدّت ۽ فرامينِ مُصطفيٰ:

سڪرات جي وقت ايندڙ تڪليف کي مٽي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيئي هنڌن تي بيان فرمايو آهي، اچو! هن باري ۾ ڪجهه فرمانِ مصطفيٰ ٻڌون ٿيون:

1. حضرت سيدُنا حَسَن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان روايت آهي تہ رحمت عالَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ موت جي تڪليفن ۽ ان جي نڙي ۾ اٽڪڻ جو ذِڪر ڪندي فرمايائون: اها تڪليف تلوار جي ٽي سو (300) وَارن جي برابر آهي- (موسوعة الامام ابن ابی الدنیا، کتاب ذکر الموت، باب الخوف من الله، ۵/ ۴۵۳، حدیث:۱۹۲)

2. بارگاهہ رِسالت ۾ موت ۽ ان جي سختي جي باري ۾ سُوال ڪيو ويو تہ ارشاد فرمايائون: آسان ترين موت هڪ ڪنڊيدار ٽاريءَ جيان آهي جيڪا ڪپهہ ۾ ڦاٿل هجي، پوءِ جڏهن بہ ان کي ڪپهہ مان ڪڍيو ويندو ان سان ڳڌ ڪپهہ ضرور ايندو- (موسوعة الامام ابن ابی الدنیا، کتاب ذکر الموت، باب الخوف من الله، ۵/ ۴۵۳، حدیث:۱۹۴)

3. ٻنهي جهانن جي سردار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ مَريض جي عِيادت ڪئي، پوءِ

اِرشاد فرمايائون: مون کي خبر آهي تہ هن تي ڇا گذري رهيو آهي، ان جي ڪابہ رَڳ اهڙي نہ آهي جنهن تي الڳ الڳ موت جي تڪليف جو اَثر نہ ٿي رهيو هجي- (مسند البزار، مسند سلمان الفارسی، ۶/ ۴۸۰، حديث:۲۵۱۲)

4. آقا ڪريم، رسولِ عظيم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: جيڪڏهن مُردي جو هڪ وار بہ زَمين ۽ آسمان وارن تي رکيو وڃي تہ سڀ جا سڀ الله پاڪ جي حڪم سان مَري وڃن ڇوتہ هر وار ۾ موت هوندو آهي ۽ جنهن شيءِ تي بہ موت پئجي وڃي اها بہ مري ويندي آهي- (موسوعة الامام ابن ابی الدنيا، کتاب ذکر الموت، باب الخوف من الله، ۵/ ۴۵۲، حديث:۱۹۰)

5. هڪ ٻي هنڌ تي فرمايائون: مُعَالَجَةُ مَلَكِ الْمَوْتِ اَشَدُّ مِنْ اَلْفِ ضربةٍ بِالسَّيْفِ ”يعني موت جو هر جهٽڪو تلوار جي هزار وار کان سَخت تَر آهي“- (کنزالعمال، کتاب الموت، باب الثاني، ۲۴۰/۱۵،حديث ۴۲۱۸۳)

عَطا کر عافیّت تُو نَزع و قَبر و حَشر میں یارَبّ
وَسیلہ فاطمہ زَہرا کا کر لُطف و کرم مولیٰ

(وسائلِ بخشش مرمم، ص ۹۸)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## موت جون تڪليفون ۽ اسان جو نازڪ مزاج

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ٿورو غور ڪريو! هنن حديث سڳورين ۾ روح نڪرڻ وقت جي تڪليف ۽ شدت کي جهڙي طرح بيان ڪيو ويو آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ مرڻ واري شديد تڪليف ۽ درد ۾ مبتلا هوندي آهي- اسان کي غور ڪرڻ گهرجي تہ اسان تہ تمام گهڻيون نازڪ مزاج آهيون، اسان اهو سڀ ڪيئن برداشت ڪنديون سين؟ اسان جو حال تہ اهو آهي جو مڇر جو ڏنگ بہ اسان کان برداشت ناهي ٿيندو، اسان جو حال تہ اهو آهي جو معمولي تڪليف ٿئي، تہ اسان سڄي گهر جون ننڍون ڦٽائي ڇڏينديون آهيون، اسان جو حال تہ اهو آهي جو اسان کي نزلو ۽ زڪام بہ ٿي وڃي تہ اسان کان برداشت ناهي ٿيندو، اسان جو حال تہ اهو آهي جو پير مڙي پوي تہ دانهون ڪنديون آهيون، اسان جو حال تہ اهو آهي جو مٿي ۾ سور ٿئي تہ اسان ان تي بي صبري جو مظاهرو ڪندي چئون تہ سيني جي مٿي ۾ سور ڪنديون آهيون،

اسان جو حال تہ اهو آهي جو جسم جو هلڪڙو سور بہ اسان کي بستر تان اٿڻ ناهي ڏيندو، جڏهن اسان ايتريون نازڪ طبيعت آهيون تہ سڪرات مهل طاري ٿيڻ وارين تڪليفن جي شدّت کي ڪيئن برداشت ڪنديون سين؟ اللہ پاڪ اسان کي دُنيا ۽ آخرت ۾ عافيت، عافيت ۽ عافيت نصيب فرمائي-

آمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## موت کي ياد ڪريو!

ٿورو سوچيو تہ سهي، اهو ڪهڙو منظر هوندو ❖ جڏهن اسان جو روح اسان جي بدن جو ساٿ ڇڏي رهيو هوندو، ❖ موت جا ملائڪ رڳ رڳ مان روح ڪڍي رهيا هوندا، ❖ اسان جو هوش ۽ حواس ختم ٿي چڪا هوندا، ❖ اسان سڀ سمجهي رهيون هونديون سين پر ڳالهائڻ جي طاقت نہ هوندي، ❖ سڀ ڪجھ ڏسي رهيون هونديون پر بيان ڪرڻ جي همت نہ هوندي، ❖ روح ڪڍڻ وارا ملائڪ اسان جي سامهون هوندا ❖ روح ڪٺي وڃڻ وارا ملائڪ اسان کي گهيري وٺندا، ❖ اهو موت جنهن کان اسين ناپسند ڪنديون هيون سين، اهو پنهنجي تمام تر حقيقتن سان اسان جي سامهون هوندو، ❖ اهو موت جنهن کان اسان ڀڄنديون هيون سين اڄ اهو اسان کي ڀڄڻ نہ ڏيندو، ❖ اهو موت جنهن کان اسان غافل ٿي ويون هيون سين اڄ اهو اسان جي غفلت جي پردي کي هٽائي ڇڏيندو، ❖ اهو موت جنهن کي اسان وساري ڇڏيو هو اڄ اهو اسان کي خوب ياد اچي رهيو هوندو- ❖ دنيا جو اهو ساز ۽ سامان جيڪو هڪ هڪ ڪري اسان گڏ ڪيو هوندو سيئي اسان کان پري ٿي ويندو، ❖ مال ۽ دَولت بہ پري ٿي ويندي، ❖ بنگلو ۽ گاڏي بہ جُدا ٿي رهي هوندي، ❖ بينڪ بيلنس کان بہ اسان نااُميد ٿي رهيون هونديون سين، ❖ گهر جا ڀاتي بہ ساٿ ڇڏي ڏيندا، ❖ اسان جو جسم ٿڌو ٿي رهيو هوندو، ❖ پهريان پير ٿڌا ٿيندا ❖ پوءِ پيڏيون ٿڌيون ٿينديون ❖ پوءِ ٽنگن مان روح نڪري ويندو، ❖ پوءِ اهستہ اهستہ سڄو بدن بي جان ٿي ويندو- ❖ جسم جي گرمي آهستہ آهستہ ٿڌاڻ ۾ بدلجي ويندي، ❖ ڪڙي کان ڪڙي ملائي ويندي، ❖ زبان تارونءَ کان لڳي رهي هوندي، ❖ اکين جا تارا مٿي ڏانهن وڃي رهيا هوندا، ❖ مٿو هڪ پاسي لڙڪڻ لڳندو، ❖ چپ سڪي رهيا هوندا، ❖ زَبان سُڪڙجي رهي هوندي، ❖ آڱريون نيريون ٿي رهيون هونديون، ❖ جسم جو ڳاڙهو ۽ سفيد رنگ مٽيالي رنگ ۾ بدلجي رهيو هوندو، مطلب تہ عجيب بيوسي جو عالم هوندو- غور ڪريو! ان

وَقت اسان تي ڇا گذري رهيو هوندو- ان وقت تڪليف ته ايتري شدت جي هوندي جو اَلاَمان وَالْحَفِيظ!

## سڪرات واري حالت جي مَنظر ڪشي

حُجَّة الاِسلَام حضرتِ سَيدُنا امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه سڪرات جي تڪليف جي شدت ۽ ان جي ڪيفيتن جي مَنظر ڪشي ڪندي اِرشاد فرمائن ٿا: سڪرات ان تڪليف جو نالو آهي جيڪا سڌو سنئون رُوح تي نازِل ٿيندي آهي ۽ سمورن حصن کي وڪوڙي وٺندي آهي ايستائين جو رُوح جو اهو حصّو به تڪليف محسوس ڪندو آهي جيڪو بدن جي گهرائين ۾ آهي- سڪرات جون تڪليفون براهِ راست رُوح تي حملو ڪنديون آهن ۽ پوءِ اهي تڪليفون سڄي بدن ۾ اهڙي طرح ڦهلجي وينديون آهن جو هر هر رَڳ، نس، حصّي ۽ سنڌن مان رُوح ڇڪيو ويندو آهي، هر وار جي پاڙ مان ايستائين جو مٿي کان وٺي پيرن تائين ڪل جي هر حصّي مان رُوح ڪڍيو ويندو آهي، تنهنڪري ان وَقت جي تڪليف ۽ درد جو اَندازو ڪير به نٿو ڪري سگهي- بُزرگن ته ايستائين فرمايو آهي جو موت جي تڪليف تلوار جي وار، آري جي چِيرڻ ۽ قينچي جي ڪٽڻ کان به وڌيڪ تڪليف ڏيندڙ آهي ڇوته جڏهن تلوار جو وار بدن تي پوندو آهي ته بدن کي تڪليف انهيءَ ڪري محسوس ٿيندي آهي جو ان جو رُوح سان تَعلُّق قائم آهي- ته ٿورو اَندازو ڪيو ته ان وَقت ڪيتري قدر تڪليف هوندي جڏهن تلوار براهِ راست رُوح تي پوندي؟ جڏهن ڪنهن کي تلوار سان زَخمي ڪيو وڃي ته مدد گهري سگهي ٿو، روڄ راڙو ڪري سگهي ٿو، ڇوته ان جي زَبان ۽ جسم ۾ طاقت مَوجُود آهي، جڏهن ته مرڻ واري جو آواز ۽ دانهون تڪليف جي ڪري خَتم ٿي وينديون آهن ڇوته موت جي تڪليف ان وَقت دل تي غَالب ٿي ويندي آهي، موت جي تڪليف سڄي بدن جي طاقت ڪسي هر حصّي کي ڪمزور ڪندي آهي، موت جي تڪليف ڪنهن به حصّي ۾ مدد گهرڻ جي طاقت ناهي رهڻ ڏيندي، موت جي تڪليف سوچڻ سمجهڻ جي صلاحيت تي غالب اچي ان کي حيران ۽ پريشان ڪندي آهي، موت جي تڪليف زَبان کي گُونگو ۽ باقي جِسماني حِصّن کي بي جان ڪري ڇڏيندي آهي، اهو ئي سبب آهي جو جيڪڏهن ڪو شخص سڪرات جي وَقت روئڻ چاهي، دانهون ڪري چاهي، مدد گهرڻ چاهي، تڏهن به ائين نٿو ڪري سگهي ۽ جيڪڏهن ڪجھ طاقت

باقي به هجي ته ان وَقت نڙي ۾ سيني مان غَرغَري جو اواز ئي نڪرندو آهي، رَنگ متيالو ٿي ويندو آهي جڻ متي مان نهيو هو ته مرڻ وقت به متي ظاهر ٿيندي آهي، هر رَڳ مان رُوح ڪڍيو ويندو آهي، جنهن جي ڪري تڪليف جسم جي اَندر ٻاهر هر هنڌ ڦهلجي ويندي آهي، اکين جا تارا متي تي ويندا آهن، چپ سڪي ويندا آهن، زبان سُڪڙجي ويندي آهي ۽ آڱريون نيريون ٿي وينديون آهن، جنهن بدن جي هر هر رَڳ مان رُوح ڪڍيو وڃي ان جي حالت نه پُڇا ڪيو ڇوته جيڪڏهن جِسم جي هڪ رڳ به ڇڪي وڃي ته تمام گهڻي تڪليف ٿيندي آهي- ٿورو غور ته ڪيو ته سڄي رُوح ڪي هڪ رَڳ مان نه بلڪه هر هر رَڳ مان ڪڍيو ويندو آهي ته ڪيتري قَدر تڪليف ٿيندي هوندي؟ ۽ پوءِ آهسته آهسته جسم جي هر هر حصي تي موت طاري ٿيندو آهي، پهريان پير ٿڌا ٿيندا آهن پوءِ پيڊيون ۽ پوءِ رانون ٿڏيون ٿينديون آهن ۽ ائين جِسم جي هر هر حصّي ڪي سختي ڪان پوءِ وري سختي ۽ تڪليف ڪان پوءِ وري تڪليف ڪي منهن ڏيڻو پوندو آهي، ايستائين جو رُوح حلق تائين ڇڪيو ويندو آهي، اهو ئي اهو وَقت هوندو آهي جڏهن مرڻ واري جون اُمّيدون دُنيا ۽ دُنيا وارن ڪان ختم ٿي وينديون آهن پوءِ حسرت ۽ شرمساري ان ڪي چئني پاسن ڪان گهيري وٺندي آهي- (احياءالعلوم،۲۰۸/۵ ملتقطاً)

نزع میں ربِّ غفّار تجھ سے موت سے قبل بیمار تجھ سے
طالبِ جلوۂ مُصطفٰے ہے یا خُدا تجھ سے میری دُعا ہے

وِردِ لب کلمہ طَیِّبہ ہو اور ایمان پر خاتمہ ہو
آ گیا ہائے وقتِ قضا ہے یا خدا تجھ سے میری دُعا ہے

یاخدا ماہِ رَمضاں کے صدقے سچّی توبہ کی توفیق دیدے
نیک بن جاؤں جی چاہتا ہے یا خدا تجھ سے میری دُعا ہے
(وسائلِ بخشش مرمّم، ص ۱۳۵، ۱۳۷)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## موت ڪان پهريان سچي توبہ ڪريو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ❖ **هن ڪان پهريان جو** اسان بہ سڪرات جي دَردناڪ ڪيفيت ۾ مبتلا ٿي وڃون، ❖ **هن ڪان پهريان جو** روح نڪرڻ جي تڪليف سان اسان جو جسم بہ مفلوج ٿي وڃي، ❖ **هن ڪان پهريان جو** اسان کي بہ موت جا ملائڪ گهيري وٺن، ❖ **هن ڪان پهريان جو** موت جو وقت اچي پهچي ۽ توبہ جو دروازو بند ٿي وڃي، ❖ **هن ڪان پهريان جو** حسرت ۽ ندامت اسان کي گهيري وٺي، اسان کي الله پاڪ جي بارگاھ ۾ سچي توبہ ڪرڻ گهرجي- اسان کي موت اچڻ ڪان پهريان پهريان الله پاڪ کان پنهنجي گناهن جي معافي گهرڻ گهرجي- اي ڪاش! اسان هر رات کي پنهنجي زندگي جي آخري رات تصور ڪريون، هر رات سمهڻ ڪان پهريان پنهنجي گناهن کان سچي توبہ ڪري سمهون، اي ڪاش! صَلٰوة التَّوبَہ واري مدني انعام تي عمل جي سعادت ملندي رهي،

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! گناھ انسان کان ئي ٿيندا آهن پر گناهن تي جمي وڃڻ، انهن تي اِصرار ڪندو رهڻ ۽ توبہ کان پاسو ڪرڻ تمام وڏي بي وقوفي آهي، مؤمن ٻانهي جو شان اهو آهي جو جيڪڏهن ان کان ڪو گناھ سَرزَد ٿي وڃي تہ يڪدم توبہ ڪندو آهي، ٻيهر گناھ ٿي وڃي تہ اهو وري توبہ ڪندو آهي، وري گناھ ٿي وڃي تہ وري اهو توبہ ڪندو آهي، مطلب تہ بار بار توبہ ڪرڻ ايمان جي تقاضن مان هڪ تقاضا آهي- الله پاڪ قرآنِ پاڪ ۾ ڪيئي هنڌن تي توبہ ڪرڻ ۽ پنهنجن گناهن کان معافي گهرڻ جو حڪم ڏنو آهي ۽ جيڪي ماڻهو الله پاڪ جي بارگاھ ۾ سچي توبہ ڪندا آهن الله پاڪ انهن کان ڏاڍو خُوش ٿيندو آهي ۽ انهن تي پنهنجو خُصُوصِي فَضل ۽ ڪرم بہ ڪندو آهي- جيئن سيپاري 6 سُوْرَةُ الْمَائِده جي آيت نمبر 39 ۾ اِرشاد آهي:

فَمَنْ تَابَ مِنْۢ بَعْدِ ظُلْمِهٖ وَاَصْلَحَ فَاِنَّ اللّٰهَ يَتُوْبُ عَلَيْهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ

**ترجمو ڪنزالايمان**: سو جيڪو پنهنجي ظلم کانپوءِ توبہ ڪري ۽ پاڻ سُڌِري وڃي تہ الله پنهنجي مهر (مهرباني) سان رجُوع فرمائِيندو. بيشڪ الله بخشيندڙ مهربان آهي.

تفسير ''صِراطُ الجِنان'' ۾ هن آيت سڳوري جي حوالي سان لکيل آهي تہ توبہ نِهايت نَفيس شيءِ آهي، ڪيترو ئي وڏو گُناھ ڇو نہ هجي، جيڪڏهن ان

ڪان توبہ ڪئي وڃي تہ الله پاڪ پنهنجو حق مُعاف فرمائي ڇڏيندو آهي ۽ توبہ ڪرڻ واري کي آخرت جي عذاب کان نَجات ڏئي ڇڏيندو آهي- (صراط الجنان،٢/ ٤٣٠)

مجھے سچّی تَوبہ کی تَوفیق دیدے
پئے تاجدارِ حَرَم یاالٰہی!

(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص١١٠)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بزرگن جا موت بابت ٻڌايل احوال

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان موت جي تڪليف ۽ ان جي ذائقي جي باري ۾ ٻڌي رهيون هيون سين، هن ڳالهہ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ مرڻ مهل مُردي کي جيڪا تڪليف ٿيندي آهي، ان کي لَفظن ۾ بيان نٿو ڪري سگهجي، پر ڪجھ بُزرگ سڳورن رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم اَجْمَعِين پنهنجي وفات جي وقتن ۾ اسان کي سمجهائڻ ۽ موت جي سختين جو اِحساس ڏيارڻ جي لاءِ ان کي مثالن جي ذَريعي بيان ڪيو آهي- اچو! انهيءَ بابت ڪجھ روايتون ٻڌون ٿيون:

## مرڻ واري تي تعجُّب

حضرت سيدُنا عبدُالله بن عَمرو بن عاص رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا فرمائن ٿا تہ منهنجا والدِ مُحترم حضرت عَمرو بن عاص رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائيندا هئا: ”مون کي مرڻ واري انسان تي تعجُّب ٿيندو آهي جو عقل ۽ زبان هئڻ جي باوُجُود هو ڇو نٿو موت ۽ ان جي ڪيفيت کي بيان ڪري-“ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا تہ جڏهن منهنجي والدِ محترم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي وصال جو وقت ويجهو آيو تہ مون عرض ڪيو: ”اي بابا سائين (رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ)! اوهان تہ هيئن هيئن فرمائيندا هئا-“ تہ اُنهن ارشاد فرمايو: ”اي منهنجا پٽ! موت ان کان وڌيڪ سَخت آهي جو ان کي بيان ڪيو وڃي، وري بہ مان ڪجھ ٻڌايان ٿو- الله پاڪ جو قسم! ڄڻ منهنجي ڪلهن تي رَضْوٰي (هڪ مشهور جبل) ۽ تِهامہ جا جبل رکيا ويا آهن ۽ ڄڻ منهنجو رُوح سُئي جي سوراخ مان ڪڍيو پيو وڃي، ڄڻ منهنجي پيٽ ۾ هڪ

ڪنديدار ٽاري آهي ۽ آسمان، زمين سان ملي ويو آهي ۽ مان انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهيان- (المستدرک،کتاب معرفة الصحابة، باب وصف الموت في حالة النزع،۵۶۹/۵،حديث۵۹۶۹)

## موت ائين جيئن زندهه جهرڪي کي پُچڻ

منقول آهي تہ حضرتِ سيدُنا موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام ڪان الله ڪريم پڇيو تہ موت کي ڪيئن محسوس ڪيو تہ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جواب ڏنائون: موت ان جهرڪي جيان آهي جنهن کي زندهه ڪڙهائي(تئي) ۾ پچيو وڃي، هاڻي نہ تہ اها مري جو راحت ماڻي ۽ نہ نجات ماڻي جو اڏامي وڃي- (احياء علوم الدين،کتاب الذکروالموت ومابعدها،باب ثالث في سکرات الموت۔۔۔ الخ ، ۲۱۰/۵)

## موت جي شِدّت

هڪ بُزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي باري ۾ اچي ٿو تہ اهو بيمارن جي تمام گهڻي عِيادَت ڪندو ۽ پڇا ڪندو هو تہ: توهان موت کي ڪيئن محسوس ڪيو؟ جڏهن سندن جو آخري وَقت آيو تہ ڪنهن پڇا ڪئي: اوهان موت کي ڪيئن محسوس ڪيو ٿا؟ فرمايائون: ڄڻ آسمانن کي زمين سان ملايو ويو آهي ۽ منهنجو رُوح سُئي جي سُوراخ مان نڪري رهيو آهي- (احياء العلوم، ۵۱۷/۵)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀينرون! اسان موت جي سختين جي باري ۾ ٻُڌي رهيونِ هيون سين، يقيناً گناهن جي وڏندڙ سيلاب ۽ بُري صحبتن اسان کي فڪرِ آخرت ۽ فڪرِ موت کان گهڻو پري ڪري ڇڏيو آهي، جڏهن تہ اسان جي بزرگن جو اهو طرِيقو هو جو اهي پاڪيزه ماڻهو ڪثرت سان موت کي ياد ڪندا هئا، اسان کي بہ موت کي ياد ڪرڻ جي عادت بنائڻ گهرجي- ڪجهہ بزرگن جي باري ۾ لکيو ويو آهي تہ جڏهن انهن جي سامهون موت ۽ قبر ۽ آخرت جي ڳالهہ ڪئي ويندي هئي تہ انهن جي حالت خوف سبب غير ٿي ويندي هئي، ڪنهن جو جسم سُن ٿي ويندو هو تہ ڪنهن جا ڳوڙها نہ بيهندا هئا، ڪو روڄ راڙي ۾ مصروف ٿي ويندو هو تہ ڪو خوف سبب بيقرار ٿي ويندو هو-

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!! غور ڪريو! جن بزرگانِ دِين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جا واقعا اسان ٻڌا، هي اهي عظيم هستيون هيون جن جا ڏينهَن رات گناهن کان بچندي الله پاڪ جي عبادت ۾ گذرندا هئا، هي اهي عظيم هستيون هيون جن جي زبان فضول گوئي کان بچندي الله پاڪ جو ذِڪر ڪندي هئي، هي اهي عظيم هستيون هيون جن جون اکيون الله پاڪ جي خوف سبب جهڪيل رهنديون هيون، جڏهن تہ اسان جو حال ان جي بلڪل ابتڙ آهي، اسان تہ ڪلي ڪلي گناهہ ڪري رهيون هونديون آهيون ۽ ندامت ۽ شرمندگي بہ ناهي ٿيندي، اسان جو ڇا ٿيندو؟ اسان جي دل جي سختي ڪيتري قدر وڌي چڪي آهي جو موت جو تذڪرو سنو ناهي لڳندو، ڪو موت ۽ آخرت جي تياري جي ڳالهہ ڪري تہ دل بيزار ٿيڻ لڳندي آهي، ذهن ڪا نصيحت جي ڳالهہ قبول ڪرڻ جي لاءِ تيار ناهي ٿيندو، اي ڪاش! اسان بہ پنهنجي بزرگن جيان موت ۽ قبر جي خوف سبب بيقرار رهڻ واريون بڻجي وڃون- هن ڳالهہ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ موت جون سختيون بي پناهہ آهن، پر ان وَقت جيڪڏهن ڪرم ٿي وڃي ۽ پياري آقا، حبيبِ ڪبريا، مني مني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي جَلوه گري ٿي وڃي تہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ مَوت جون سموريون سَختيون آسان ٿي وينديون، حضرت علامہ مُفتي اَحمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه مِرآة المناجيح ۾ لکن ٿا: ”عالم سڳورا فرمائن ٿا تہ هاڻي بہ حُضُور صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي خاص خادمن ڪي انهن جي مرڻ وقت ڪلِمو پڙهائڻ جي لاءِ تَشرِيف فرما ٿيندا آهِن، اهڙا ماڻهو بہ ڏٺا ويا آهن جن مرڻ وقت حُضُور صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تَشرِيف آوري جي خبر ان وقت موجود ماڻهن کي ڏني، پاڻ سڪرات جي حالت ۾ هنڌ تان اٿي ويهي رهيا، وينلن کي چيائون، تَعظِيم ڪيو، حُضُور صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف ڪٺي آيا آهن-“ (مرآة المناجيح ، ۴۲۶/۲) ڪاش اسان تي بہ ڪرم ٿي وڃي ۽ مرڻ وَقت مُصطفيٰ ڪريم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي جلوي جي جهلڪ نصيب ٿي وڃي-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿي، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سَان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽

جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،الفصل الثانى،۱/۵۵،حديث:۱۷۵)

## نِڇ ڏيڻ جون سنتون ۽ آداب

پياريو پياريون اسلامي ڀينرون! اچو! شيخ طريقت، امير اهلسنّت حضرت علّامہ مولانا ابُو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”101مدني گل“ مان نِڇ ( يعني ڇڪ) ڏيڻ جون چند سنتون ۽ آداب ٻڌئون ٿيون:

پهريان ۾ فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاحظہ ڪيو: ❁ الله عَزَّوَجَلَّ کي نِڇ پسند آهي ۽ اوٻاسي پسند ناهي- ( بخاری،۴/۱۶۳،حديث:۶۲۲۶) ❁ جڏهن ڪنهن کي نڇ اچي ۽ اُهو اَلْحَمْدُلِلّٰهِ چوي تہ ملائڪ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ چوندا آهن ۽ جيڪڏهن اُهو رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ چوندو آهي تہ ملائڪ چوندا آهن: اللهعَزَّوَجَلَّ تو تي رحم فرمائي- (معجم كبير،۱۱/۳۵۸،حديث:۱۲۲۸۴) ❁ نِڇ جي وقت مٿو جهڪايو، منهن لڪايو، ۽ آواز آهستي ڪيو، نِڇ جو آواز بلند ڪرڻ بيوقوفي آهي- ( رَدُّالْمُحتار،۹/۶۸۴ ) ❁ نِڇ اچڻ وقت اَلْحَمْدُلِلّٰه چوڻ گهرجي- (خزائن العرفان صفحي 3 تي طحطاوي جي حوالي سان نڇ اچڻ تي حمد الٰهي کي سنتِ مؤڪده لکيو آهي) بهتر اهو آهي تہ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ يا اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰي كُلِّ حَال چوي جيڪو ٻڌي ان تي واجب آهي تہ فورًا يَرْحَمُكَ الله (يعني اللهعَزَّوَجَلَّ توتي رحم فرمائي) چوي ۽ ايتري آواز سان چوي جو جنهن کي نڇ اچي اهو ٻاڌ ٻڌي- ( بهارِشريعت،حصّه۱۶،۱۱۹/) ❁ جواب ٻڌي نڇ ڏيڻ واري چوي: ”يَغْفِرُ اللهُ لَنَا وَ لَكُمْ“ (يعني الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي ۽ توهان جي بخشش فرمائي) يا هي چوي: ”يَهْدِيْكُمُ اللهُ وَ يُصْلِحُ بَالَكُمْ“ (يعني الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي هدايت ڏي ۽ توهان جو حال صحيح ڪري) (فتاوىٰ ہندیة،۵/۳۲۶) ❁ جيڪو نڇ اچڻ تي اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰي كُلِّ حَال چوي ۽ پنهنجي زبان سيني ڏندن تي ڦيري ڇڏي تہ انشآءالله عَزَّوَجَلَّ ڏندن جي بيمارين کان محفوظ رهندو- (مرآة المناجيح،۶/۳۹۶)

❁ حضرت مولاءِ ڪائنات، علي المرتضيٰ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمائن ٿا: جيڪو نڇ اچڻ تي اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰي كُلِّ حَال چوي تہ اُهو ڏاڙ ۽ ڪن جي بيماري

۾ ڪڏهن به مبتلا نه ٿيندو-[1] ﴿9﴾﴿10﴾ ڇِڪ جو جواب هڪ دفعو واجب آهي، ٻيو ڀيرو ڇِڪ اچي ۽ اُهو اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ چوي ته ٻيهر جواب واجب ناهي بلڪ مستحب آهي- (عالمگيري ج 5 ص 326) ﴿11﴾

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں ۽ آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اِنۡ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ! آئنده هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع جو موضوع آهي(پنهنجي اصلاح جو نسخو) هن بيان ۾ قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ نفس جي اصلاح جي حوالي سان ارشادات ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنديون سين، پنهنجي اصلاح ڪرڻ ۽ ٻين جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻ جي حوالي سان به مدني گل پيش ڪيا ويندا، اصلاح جو بهترين ذريعو، نفس جي محاسبي جي اهميت ۽ ان جي فائدن جي متعلق به ٻڌنديون سين، بزرگانِ دين جا نفس جي اصلاح جي حوالي سان ڪجھ واقعا به پيش ڪيا ويند، اڄ جي دور ۾ اسان روزانو جي بنياد تي پنهنجو محاسبو ڪهڙي طرح ڪري سگھون ٿيون ۽ ان کان علاوه ڪيئي پيارا پيارا مدني گل ٻڌڻ جي سعادت ماڻينديون سين. لهٰذا! آئنده اربع به اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نه صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ اِنفرادي ڪوشش ڪري ٻين کي به گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ ڪٽي چئو: اِنۡ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

1 . . . مرقاة المفاتيح، ۸/۴۹۹، تحت الحديث:۴۷۳۹